قرآني بيان

# گناھ ڇڏڻ جو انعام

(سيپارو: 27، سوره رحمٰن: 46)

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

30 جنوري، 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ: 10شعبان شريف 1447ھ)
جمعة المبارڪ جو



مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ 30 جنوري، 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ: 10 شعبان شريف 1447ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# گناھ ڇڏڻ جو انعام (سيپارو: 27، سوره رحمٰن: 46)

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ...ہ جنّتون ملي ويون
- ...70 هزار ڪمرن وارو جنّتي گهر
- ...گناھ ڪان بعد جون 4 بُرائيون
- ...شبِ برائت ۾ ڪرڻ وارا ڪم

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡم ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم: مَنۡ صَلّٰى عَلَيَّ صَلَاةً وَّاحِدَةً صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ عَشۡرَ صَلَوَاتٍ، وَحُطَّتۡ عَنۡهُ عَشۡرُ خَطِيۡئَاتٍ، وَرُفِعَتۡ لَهٗ عَشۡرُ دَرَجَاتٍ

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَالِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ دفعو درودِ پاڪ پڙهيو، الله پاڪ ان تي 10 رحمتون نازل فرمائيندو آهي، 10 گناهه مٽائيندو آهي ۽ 10 درجا بلند فرمائيندو آهي.[1]

حکمِ حق ہے پڑھو درود شریف
پڑھ کے ایک بار پاؤ دس رحمتیں
جا کے وہاں پیش ہوگا نام بنام

چھوڑو مت غافلو درود شریف
خوب سودا ہے لو درود شریف
جس قدر جس کا ہو درود شریف(2)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللهُ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰى فِي الۡقُرۡآنِ الۡكَرِيۡم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

---

[1]...نسائی، کتاب السہو، باب الفضل فی الصلاۃ علی النبی صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم، صفحہ:222، حدیث:1294۔

[2]...نورِ ایمان، صفحہ:39 ملتقطًا۔

وَ لِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ جَنَّتٰنِ ﴿۴۶﴾

صَدَقَ اللهُ الْعَظِيْم وَ صَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلّى الله عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ جيڪو پنھنجي رب جي حضور بيھڻ ڪان ڊڄي ان جي لاءِ ٻہ جنّتون آھن.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيپارو:27، سورتُ الرحمٰن جي آيت: 46 ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. مفسرينِ ڪرام فرمائن ٿا: ھي آيتِ ڪريمہ مسلمانن جي پھرئين خليفي حضرت ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ جي شان ۾ نازل ٿي،[1] بھرحال روايت آھي تہ: ھڪ ڏينھن حضرت ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ آخرت جي معاملن ۾ غور و فڪر ڪري رھيا ھئا، خيالن ۾ قيامت جو منظر سندن سامھون اچي رھيو ھو تہ ڪيئن آسمانن کي ويڙھيو ويندو، ڪيئن جبل ڪپھ جي ذرڙن وانگر ھوا ۾ اڏامندا، تارا ٽٽي پوندا، اھڙي ھولناڪ انداز سان قيامت قائم ٿيندي، پوءِ محشر جو ميدان، عملن جو ميزان ۽ پوءِ جنت ۽ دوزخ جو معاملو...!! قيامت جي اھڙن ھولناڪ منظرن تي غور ڪري حضرت صديقِ اڪبر رضی اللہ عنہ تي خوفِ خدا جو غلبو ٿي ويو ۽ پاڻ تڙپي چيائون: ڪاش! مان سائو گاھ ھجان ھا، مون کي ڪو جانور کائي وڃي ھا...!! ڪاش! مون کي پيدا نہ ڪيو وڃي ھا...!!

حضرت صديقِ اڪبر رضی اللہ عنہ اھڙي طرح غور و فڪر ڪري رھيا ھئا تہ انھن تي ھيءَ آيتِ ڪريمہ نازل ٿي،[2] الله پاڪ فرمايو:

وَ لِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ جَنَّتٰنِ ﴿۴۶﴾

ترجموڪنزُ العرفان: ۽ جيڪو پنھنجي رب جي حضور بيھڻ ڪان ڊڄي ان جي

---

[1]...تفسير قرطبی، پاره:27، الرحمٰن، زير آيت:46، جلد:9، جز: 17، صفحہ:112 بتغير قليل۔

[2]...كتاب العظمہ، باب نوع من التفكر...الخ، ما ذكر من الفضل فی المتفكر، صفحہ:35، رقم:52۔

لاءِ ٻہ جنّتون آھن. (سيپارو: 27، الرحمٰن:46)

ان مان معلوم ٿيو تہ حضرت صديقِ اڪبر رضی اللہ عنہ جنتي آھن ۽ کين [2] جنتن جي خوشخبري ٻڌائي وئي آھي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

| | |
|---|---|
| یقیناً منبعِ خوفِ خدا صدّیقِ اکبر ہیں | حقیقی عاشقِ خیرُالورٰی صدّیقِ اکبر ہیں |
| بِلا شک پیکرِ صبر و رِضا صدّیقِ اکبر ہیں | یقینا مخزنِ صدق و وفا صدّیقِ اکبر ہیں |
| نہایت مُتّقی و پارسا صدّیقِ اکبر ہیں | تقی ہیں بلکہ شاہِ اَتقیا صدّیقِ اکبر ہیں |
| اَمِیْرُ الْمُؤْمِنِیْن ہیں آپ امامُ الْمُسْلِمِیْن ہیں آپ | نبی نے جنّتی جن کو کہا صدّیقِ اکبر ہیں (1) |

*-*-*-*

| | | | |
|---|---|---|---|
| ہر صَحابیِ نبی! | جنّتی! جنّتی! | سب صَحابیات بھی! | جنّتی! جنّتی! |
| چار یارانِ نبی! | جنّتی! جنّتی! | حضرتِ صدّیق بھی! | جنّتی! جنّتی! |
| اور عُمرِ فاروق بھی! | جنّتی! جنّتی! | عُثمانِ غنی! | جنّتی! جنّتی! |
| فاطِمہ اور علی! | جنّتی! جنّتی! | ہیں حَسَن حُسین بھی! | جنّتی! جنّتی! |
| والدَینِ نبی! | جنّتی! جنّتی! | ہر زوجۂ نبی! | جنّتی! جنّتی! |
| اور ابو سُفیان بھی! | جنّتی! جنّتی! | ہیں مُعاویہ بھی! | جنّتی! جنّتی! (2) |

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:565 ملتقطًا۔

[2]... وسائلِ فِردوس،صفحہ:53۔

# گناھ ڇڏڻ جو انعام

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ فرمايو:

وَ لِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ جَنَّتٰنِ ﴿۴۶﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ جيڪو پنھنجي رب جي حضور بيھڻ کان ڊِڄي ان جي لاءِ ٻہ جنّتون آھن. (سيپارو: 27، الرحمٰن:46)

حضرت مجاھد رحمۃُ اللہِ علیہ ھڪ وڏا عالِم آھن، تابعي بزرگ آھن، پاڻ فرمائن ٿا: ھن آيتِ ڪريمہ جو مطلب ھي آھي تہ جڏھن ڪو ٻانھو گناھ جو ارادو ڪري، پوءِ ڪيس الله پاڪ جي حضور حاضر ٿيڻ (قيامت جي ڏينھن ھر عمل جو حساب ڏيڻ) ياد اچي وڃي ۽ ھو خوفِ خدا سبب گناھ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏي، گناھ ڇڏي ڏئي، اھڙي خوش نصيب ٻانھي لاءِ 2 جنتون آھن.[1] ھڪ جنت خوفِ خدا جي صلي ۾ ۽ ھڪ نفساني خواھشن کي ڇڏڻ جو صلو آھي.[2]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! الله پاڪ کان ڊڄي، ان جي حضور حاضري ٿيندي، اھا ڳالھہ ياد ڪري جيڪو ٻانھو گناھ کان بچي وڃي، ان جو ڪيترو زبردست انعام آھي، اھڙي خوش نصيب کي 2 جنتون عطا ڪيون وينديون، اھي جنتون بہ ڪھڙيون عاليشان ھونديون؟ ٻڌو! الله پاڪ فرمائي ٿو:

ذَوَاتَاۤ اَفْنَانٍ ﴿۴۸﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: شاخن واريون آھن. (سيپارو: 27، الرحمٰن: 48)

---

[1]...تفسير درمنثور، پاره:27، الرحمٰن، زير آيت:46، جلد:7، صفحہ:706۔

[2]...تفسير خازن، پاره:27، الرحمٰن، زير آيت:46، جلد:4، صفحہ:230۔

يعني انھن جنتن ۾ ميوَن سان ڀريل باغ آھن، ھر شاخ تي قِسم قِسم جا ميوا لڳل آھن.[1]

فِيۡهِمَا عَيۡنٰنِ تَجۡرِيٰنِ ﴿۵۰﴾

ترجموڪنزُالعرفان: انھن ۾ ٻہ چشما وھي رھيا آھن. (سيپارو: 27، الرحمٰن: 50) يعني انھن ٻنھي جنتن ۾ صاف ۽ مٺي پاڻي جا 2 چشما وھي رھيا آھن، ھڪ چشمي جو نالو: تسنيم آھي. ھڪ جو نالو: سلسبيل آھي.[2]

فِيۡهِمَا مِنۡ كُلِّ فَاكِهَةٍ زَوۡجٰنِ ﴿۵۲﴾

ترجموڪنزُالعرفان: انھن ٻنھي جنّتن ۾ ھر ميوي جا ٻہ قِسم آھن.

(سيپارو: 27، الرحمٰن: 52)

يعني انھن جنتن ۾ 2 قِسم جا ميوا آھن، ڪجھ اھڙا آھن جھڙا ميوا دنيا ۾ بہ ڏٺا ويا ۽ ڪجھ اھڙا نرالا آھن جيڪي ڪڏھن ڪنھن نہ ڏٺا.[3]

سُبْحٰنَ الله! اھڙيون بي مثال جنتون آھن، ڪنھن لاءِ؟ جيڪو الله پاڪ کان ڊڄي ۽ ڊڄي گناھ ڇڏي ڏئي.

مرے اَشک بہتے رہیں کاش ہر دم | ترے خوف سے یاخدا یاالٰہی!
ترے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ | میں تھرتھر رہوں کانپتا یاالٰہی!
گناہوں نے میری کمر توڑ ڈالی | مرا حشر میں ہو گا کیا یاالٰہی!(4)

---

[1]...روح البیان، پارہ:27، الرحمٰن، زیر آیت:48، جلد:9، صفحہ:304 خلاصۃً۔

[2]...حاشیۃ صاوی، پارہ:27، الرحمٰن، زیر آیت:50، جلد:3، جز:6، صفحہ:44۔

[3]... روح البیان، پارہ:27، الرحمٰن، زیر آیت:48، جلد:9، صفحہ:304۔

[4]... وسائلِ بخشش، صفحہ:105 ملتقطًا۔

# ٻہ جنتون ملي ويون

مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عمر فاروق اعظم رضی اللہ عنہ جي مبارڪ دور جي ڳالهہ آهي، هڪ نوجوان تمام متقي، پرهيزگار هو. حضرت عمر رضی اللہ عنہ بہ ان جي عبادت ڏسي حيران ٿيندا هئا. اهو نوجوان جڏهن عشاء جي نماز پڙهي گهر ويندو هو تہ رستي ۾ هڪ خوبصورت عورت کيس پاڻ ڏانهن سڏيندي هئي پر اهو نيڪ نوجوان ان طرف بلڪل توجهہ نہ ڪندو هو، اڪيون هيٺ ڪري گذري ويندو هو. هڪ ڏينهن جڏهن هو گذري رهيو هو، عورت کيس پنهنجي طرف سڏيو تہ اهو نوجوان بہ ان طرف مائل ٿي ويو پر جيئن ئي عورت جي ويجهو پهتو تہ کيس اللہ پاڪ جو هي فرمان ياد اچي ويو:

اِنَّ الَّذِیْنَ اتَّقَوْا اِذَا مَسَّهُمْ طٰٓىٕفٌ مِّنَ الشَّیْطٰنِ تَذَكَّرُوْا فَاِذَا هُمْ مُّبْصِرُوْنَ ﴿۲۰۱﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ پرهيزگارن کي جڏهن شيطان جي طرف کان ڪو خيال ايندو آهي تہ اهي (خدا جو حڪم) ياد ڪندا آهن پوءِ انهيءَ وقت انهن جون اکيون کُلي وينديون آهن. (سيپارو: 9، الاعراب: 201)

هن آيتِ ڪريمہ جي ياد ايندي ئي ان جي دل تي اللہ پاڪ جو خوف غالب آيو ۽ هو بي هوش ٿي زمين تي ڪري پيو.

جڏهن هو گهڻي دير تائين گهر نہ پهتو تہ ان جو پوڙهو پيءُ ڳوليندو اتي پهتو، کيس کڻي گهر آيو. جڏهن نوجوان کي هوش آيو تہ هن پنهنجي والد کي سمورو واقعو ٻڌايو، واقعو ٻڌائيندي جڏهن هن وري اها آيتِ ڪريمہ پڙهي تہ ٻيهر خوفِ خدا غالب آيو، هن هڪ زوردار رڙ ڪئي ۽ ان جو دم نڪري ويو. رات جو ئي غسل و ڪفن جو انتظام ڪري کيس دفن ڪيو ويو. صبح جو جڏهن حضرت عمر فاروق اعظم رضی اللہ عنہ کي سمورو واقعو

معلوم ٿيو تہ پاڻ ان نوجوان جي قبر تي تشريف کڻي آيا ۽ ھي آيتِ کريمہ پڙھي:

وَلِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ جَنَّتٰنِ ﴿۴۶﴾

ترجمو کنزُ العرفان: ۽ جيڪو پنھنجي رب جي حضور بيھڻ کان ڊڄي ان جي لاءِ بہ جنّتون آھن. (سيپارو: 27، الرحمٰن: 46)

قبر مان ان نوجوان جواب ڏيندي چيو: يَا اَمِيرَ الْمُؤْمِنِين! بيشڪ منھنجي رب مون کي 2 جنتون عطا فرمايون آھن.[1]

## اللّٰہ پاڪ جي حضور حاضري جو تصور

سُبْحٰنَ الله! ڪھڙو پيارو انعام آھي. اسان کي بہ ھي وصف اپنائڻ گھرجي. ائين اسان بزرگن جي خوفِ خدا جي ڪيفيتن کي ڏسون تہ سندن شان ڪھڙو آھي...!! ❖ انھن تي تہ خوفِ خدا سبب ڏڪڻي طاري رھندي ھئي ❖ انھن کي ڏسڻ وارن کي لڳندو ھو تہ جيئن ھاڻي ميدانِ محشر مان ٿي واپس اچي رھيا آھن ❖ ھر وقت ڊِنل رھندا ھئا ❖ خوفِ خدا سبب روئيندا ھئا ❖ انھن جي ڳوڙھن سان ڏاڙھي آلي ٿي ويندي ھئي ❖ رخسارن تي ڳوڙھن سان ليڪون پئجي وينديون ھيون ❖ بي ھوش ٿي ويندا ھئا. ھي تمام اعليٰ درجي جون ڪيفيتون آھن، الله پاڪ اسان کي انھن نيڪ ماڻھن جو صدقو نصيب فرمائي. گھٽ ۾ گھٽ ايترو خوفِ خدا تہ ھر مسلمان جي اندر ھجڻ گھرجي تہ جڏھن اسان جي دل ۾ گناھ جو خيال اچي، شيطان اسان کي گناھ جي دعوت ڏئي تہ اسان کي الله پاڪ جي حضور بيھڻ ياد اچي وڃي، تصور قائم ٿي وڃي تہ اھو قيامت جو خوفناڪ ڏينھن...!! ❖ جڏھن سج باھ وَسائيندو رھيو ھوندو❖ زمين ٽامي جي ھوندي ❖ زمين ٻري رھي ھوندي ❖ ماڻھو

---

[1] ...تاريخ ابنِ عساکر، رقم:5320، عمرو بن جامع بن عمرو بن محمد، جلد:45، صفحہ:450۔

پنھنجي ئي پگھر ۾ ٻڏل هوندا، ڪي هڪ ٻئي کي ڌڪا ڏيندا هوندا ۽ ان وقت ڪو ڪنهن جو ٻيلي نه هوندو، سج به پنهنجي تمام تيز تپش سان ٽانڊا وسائيندو هوندو ۽ ڪي ته پنهنجي ئي پگھر ۾ ٻڏڻ لڳا هوندا، تيز تپش سبب ماڻهن جي دماغن جو مغز ٽهڪندو هوندو ۽ ماڻهن جون ٻوليون وات مان نڪري ٻاهر ڪري پيون هونديون. جڏهن ته ڪن جي پنهنجي ئي پگھر ۾ ٻڏي رهيا هوندا ❖ اڳيان ۽ پويان سڀ حاضر هوندا ۞سامهون قهر هوندو، ربِ ڪريم ان ڏينهن اهڙو غضب فرمائيندو جو اهڙو غضب ان کان پهريان ڪڏهن نه فرمايو، اهڙي خوفناڪ مرحلي تي مون کي منهنجو نالو وٺي سڏيو ويندو: اي فلاڻا بن فلاڻا! رب جي حضور حاضر ٿي...!!

ان وقت اسين ڏڪنداسين، حيران ٿينداسين، شرم کان منهن لڪائينداسين پر هاءِ! ان ڏينهن لڪڻ جي جاءِ ڪٿي هوندي...!! فرشتا ڇڪي رب جي حضور حاضر ڪري ڇڏيندا. پوءِ اسان کان اسان جي عملن جو حساب ورتو ويندو. پڇيو ويندو: اي فلاڻا! ❖ ڇا توکي زندگي نه بخشي وئي هئي؟ ۞ ڇا توکي نعمتون نه عطا ڪيون ويون هيون؟ ❖ ڇا تو تائين حق جو پيغام نه پهچايو ويو هو؟ پوءِ تو گناهه ڇو ڪيو؟ ان وقت اسان وٽ ڇا جواب هوندو...؟ افسوس! اسين شرم کان پاڻي پاڻي ٿي رهيا هونداسين، ڪا ڳالهه نه ٿي سگهندي...!! افسوس! جيڪڏهن ان وقت ربِ ڪريم غضب فرمايو، منهنجي گناهن تي منهنجي پڪڙ فرمائي ورتي ۽ مون کي جهنم ۾ اڇلائڻ جو حڪم جاري ٿي ويو ته منهنجو ڇا ٿيندو...؟؟

گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہوگی
ہائے! میں نارِ جہنم میں جلوں گا یاربّ!

دردِ سر ہو یا بخار آئے تڑپ جاتا ہوں
میں جہنّم کی سزا کیسے سَہوں گا یاربّ!

ڈنک مچھر کا سَہا جاتا نہیں، کیسے میں پھر
قبر میں بچھّو کے ڈنک آہ سہوں گا یاربّ!

گُھپ اندھیرے کا بھی وَحشت کا بسیرا ہوگا
قبر میں کیسے اکیلا میں رہوں گا یاربّ![1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ربِ ڪريم جي حضور حاضري جو هڪ تصور آهي. ڪاش! جڏهن به اسان جي دل گناهه طرف مائل ٿئي ته اسان کي هي

---

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:84-85 بتقدم وتاخر۔

حاضري ياد اچي وجي، ربِ رحمان جي حضور بيهڻ ياد اچي وجي ۽ اسان ڊڄي، ربِ رحمان کان شرمائي گناھ ڇڏڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون. گهٽ ۾ گهٽ ايترو بہ خوفِ خدا نصيب ٿي وڃي تہ اسان جي زندگي سڌري سگهي ٿي. اهو ئي خوف آهي جنهن تي ٻن جنتن جو واعدو فرمايو ويو آهي.

## 70 هزار ڪمرن وارو جنتي گهر

حضرت ڪعبُ الْاَحْبَار رضي الله عنه کان روايت آهي: جنت ۾ زمرد ۽ موتين مان ٺهيل هڪ عظيم الشان محل آهي، ان ۾ 70 هزار گهر آهن، هر گهر ۾ 70 هزار ڪمرا آهن، ان عظيم الشان محل ۾ انبياءِ ڪرام عليهم السلام هوندا، صديق هوندا، شهيد هوندا، انصاف ڪرڻ وارا بادشاھ هوندا ۽ اهو شخص هوندو جيڪو مُحَڪَّم هجي. عرض ڪيو ويو: مُحَڪَّم ڪير آهي؟ فرمايو: اهو شخص جنهن کي حرام ڪم جي دعوت ڏني وڃي پر هو خوفِ خدا سبب ان حرام ڪم کان رڪجي وڃي.[1]

## شرمندھ ٿيڻ واري جو واقعو

ڪِتَابُ التَّوَّابِين ۾ لکيل آهي: بني اسرائيل جو هڪ شخص هو، ان کان گناھ ٿي ويو. جڏهن هو ناداني ۾ گناھ ڪري ويٺو تہ کيس تمام گهڻي شرمندگي ٿي (رب جي حضور حاضر ٿيڻ ياد اچي ويو، هاڻي ڇا هو) هو بيقرار ٿي هيڏانهن کان هوڏانهن ڀڄڻ لڳو، الله پاڪ جي رحمت کي ان جي اها بيقراري پسند اچي وئي. تنهنڪري ربَّ رحمان ان جي شرمندگي قبول فرمائي ۽ ان کي ولايت جي اعليٰ ترين درجي صديقيت سان نوازي ڇڏيو.[2]

---

[1]...شعب الايمان، السابع والاربعون ، باب فی معالجۃ کل ذنب بالتوبۃ، جلد:5، صفحہ:412، حديث:7107۔

[2]... كتاب التوابين، ذكر التوبين من احاد الامم الماضية، توبہ رجلين من بنی اسرائيل، صفحہ:81 خلاصۃً۔

# ھڪ قاصائي جي توبھ

شيخ ابو بڪر بن عبدالله رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ فرمائن ٿا: ھڪ قاصائي (گوشت وڪرو ڪندڙ) پنھنجي پاڙيسري جي خادم تي عاشق ھو. ھڪ ڏينھن اھا خادم ڪنھن ڪم سان ٻئي ڳوٺ ڏانھن وڃي رھي ھئي، قاصائي موقعو ڏسي ۽ ان جي پويان ھلڻ لڳو. جڏھن قاصائي ان کي پڪڙيو تہ ڪنيز چيو: اي نوجوان! منھنجي دل بہ تنھنجي طرف مائل آھي پر مان پنھنجي ربِ ڪريم کان ڊڄان ٿي. جڏھن قاصائي اھو ٻڌو تہ چيائين: جڏھن تون الله پاڪ کان ڊڄين ٿي تہ ڇا مان ان ذاتِ پاڪ کان نہ ڊڄان؟ اھو چئي ھن توبھ ڪري ورتي ۽ اتان واپس موٽي پيو. رستي ۾ شديد اُڃ وِڳھي ساھ نڙيءَ ۾ اچي ويو. اتفاقاً ان جي ملاقات ھڪ شخص سان ٿي وئي جيڪو ڪنھن نبي عَلَیۡہِالسَّلَام جو قاصد (يعني پيغام کڻي وڃڻ وارو) ھو. ان قاصد پڇيو: اي جوان! ڇا حال آھي؟ قاصائي چيو: اُڃ سبب بي حال آھيان. قاصد چيو: اچو! ٻئي ملي الله پاڪ کان دعا ڪريون. قاصائي چيو: مون تہ ڪا قابلِ ذڪر عبادت بہ نہ ڪئي آھي، مان ڪيئن دعا ڪريان؟ تون دعا ڪر مان آمين چوندس. ان شخص دعا ڪئي، ان دعا جو اثر ھڪدم ظاھر ٿيو ۽ ڪڪر جو ھڪ ٽڪڙو سندن مٿن تي ڇانوَ ڪرڻ لاءِ اچي ويو. جڏھن اھي ٻئي رستو طئي ڪندي ھڪ ٻئي کان جدا ٿيا تہ اھو ڪڪر قاصائي جي مٿي تي اچي ويو ۽ قاصد اُس ۾ رھجي ويو. قاصد حيرت مان پڇيو: اي جوان! تو تہ چيو ھو تہ تو وٽ ڪا قابلِ ذڪر نيڪي ناھي، پوءِ ھي ڪڪر تنھنجي مٿي تي ڪيئن ڇانوَ ڪري رھيو آھي؟ ھاڻ قاصائيءَ پنھنجو ۽ خادم وارو واقعو ٻڌايو، اھو ٻڌي قاصد چيو: تو سچ چيو، الله پاڪ جي حضور ۾ جيڪو مرتبو توبھ ڪندڙ جو آھي اھو ڪنھن ٻئي جو ناھي.[1]

[1]… ڪتاب التوابين، ذكر التوبين من احاد الامم الماضية، توبة القصاب، صفحہ:76۔

پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو! الله پاڪ جي حضور حاضري جو تصور ڪندي، ان جي بارگاهہ ۾ بيهڻ کان ڊڄي گناهہ ڇڏڻ جو ڪيڏو عظيم انعام آهي ❖ جيڪو قيامت جي ڏينهن کان ڊڄي گناهہ ڇڏي ڏيندو آهي، ان کي 2 جنتون عطا ڪيون وينديون ❖ بني اسرائيل جو هڪ شخص الله جي بارگاهہ ۾ پيش ٿيڻ کان ڊِنو تہ ان کي ولايت جو بلند ترين درجو عطا ڪيو ويو ❖ هڪ قاصائي کي اهو خوف نصيب ٿيو جو ان تي ڪڪرن ڇانوَ ڪئي، ان جي دعا جي برڪتون هتون هٿ ظاهر ٿيون. اهي ڪهڙا ڪهڙا عظيم انعام آهن. ڪاش! اسان کي رب جي حضور پيشي جو خوف نصيب ٿي وڃي.

## منافق جي هڪ نشاني

اسان جو هڪ وڏو مسئلو آهي: گناهہ ڪري ڪري دلين تي ڪَٽُ چڙهي وئي آهي، هاڻي اسان کي گناهن جي سنگيني محسوس نٿي ٿئي، اهو احساس ئي نٿو ٿئي تہ مان ڪنهن جي نافرماني ڪري رهيو آهيان. ۽ دل جي هي ڪيفيت تمام وڏي خطري جي نشاني آهي. حديث شريف ۾ آهي:

اِنَّ الْمُؤْمِنَ يَرٰى ذُنُوْبَهٗ كَاَنَّهٗ قَاعِدٌ تَحْتَ جَبَلٍ يَخَافُ اَنْ يَّقَعَ عَلَيْهِ وَاِنَّ الْفَاجِرَ يَرٰى ذُنُوْبَهٗ كَذُبَابٍ مَرَّ عَلٰى اَنْفِهٖ

ترجمو: مومن پنهنجا گناهہ اهڙي طرح ڏسندو آهي جيئن هو ڪنهن جبل هيٺ وينل آهي ۽ ڊڄي ٿو تہ ڪٿي اهو جبل ان تي ڪري نہ پوي جڏهن تہ منافق پنهنجي گناهہ کي ائين ڏسندو آهي، ڄڻ هڪ مکِ آهي جيڪا ان جي نڪ مٿان گذري وئي.[1]

## وڏي ۽ ننڍي گناهہ ۾ فرق

ٻانهي کان جڏهن گناهہ ٿئي ۽ هو ان کي معمولي نہ سمجهي، تمام وڏو گناهہ سمجهي ۽ الله پاڪ کان ڊڄي وڃي تہ اهڙو گناهہ رب جي حضور ۾

[1]...بخاری، کتاب الدعوات، باب التوبۃ، صفحہ:1559، حدیث:6308۔

نندو آھي (يعني ان جي ھن خوف ۾ ڊپ سبب اھو گناھ بخشيو ويندو آھي) ۾ جيڪڏھن ٻانھو گناھ ڪري، پوءِ ان کي معمولي سمجھي وٺي تہ اھو گناھ تمام وڏو آھي ڇو تہ ان تي نہ ھن کي شرمندگي ٿيندي، نہ ھو ان کي ڇڏيندو، نہ ان جي معافي جو سامان تي سگھندو.[1]

## گناھ ڪان پوءِ جون 4 برايون

حضرت عوام بن حوشب رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: گناھ تي وجڻ ڪان پوءِ جون 4 برايون اھڙيون آھن جيڪي گناھ ڪان بہ وڏيڪ بريون آھن: (1): اِسۡتِصۡغار (يعني گناھ کي معمولي سمجھڻ) (2): اِغۡتِرار (غافل ٿيڻ) (3): اِسۡتِبۡشار (يعني خوش رھڻ، اللّٰہ پاڪ جي حضور حاضري ڪان خوف نہ ڪائڻ) (4): اصرار (يعني گناھ تي قائم رھڻ، توبھ نہ ڪرڻ).[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! گناھ تي وجڻ انسان جي فطرت آھي يعني اسان جھڙن عام انسانن ڪان گناھ ٿي ئي ويندا آھن پر اسان کي انھن 4 برائين ڪان تہ بچڻ گھرجي ❖ گناھ تي وجي تہ ان کي معمولي نہ سمجھون، اھو نہ چئون تہ ڪجھہ ناھي ٿيو، ننڍي غلطي تہ ٿي آھي، اللّٰہ پاڪ رحمان آھي، بخشي ڇڏيندو. ھي تمام وڏي ناداني آھي. ٿيو آھي، تمام گھڻو ڪجھہ ٿيو آھي، اللّٰہ پاڪ جيڪو جبار و قھار آھي، ان جي نافرماني ٿي آھي، ڇا ھي معمولي ڳالھ آھي...؟ نہ، ھرگز نہ. ھي معمولي ڳالھ ناھي، تمام وڏي ڳالھ آھي ❖ گناھ تي مغرور نہ ٿيون ❖ گناھ ٿي ويو آھي تہ ھاڻي خوش نہ ٿيون، ڊجون، افسوس! مون ڪان گناھ ٿي ويو، ھاءِ! ھاءِ! مان رب جي حضور ڪھڙي منھن سان ويندس، ڇا جواب ڏيندس، ھي سوچي ڊجي وڃون، قبر ۾ حشر جو تصور ڪري پريشان ٿي وڃون، اِنۡ شَآءَ اللّٰہُ الۡکَرِیۡم! ھي شرمندگي ڪم ايندي ۾ ❁ چوٿين

---

[1]...تنبيہ الغافلين، باب ما جاء فی الذنوب، صفحہ:209۔

[2]...تنبيہ الغافلين، باب ما جاء فی الذنوب، صفحہ:209۔

ڳالھ تہ گناھ ٿي ويو تہ ھاڻي ان تي قائم نہ رھون، جلد کان جلد اھو گناھ ڇڏيو ۽ توبھ طرف وڌي وجون.

الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شبِ براءَت ۾ ڪرڻ جا ڪم

الحمد لله! شبِ براءَت تشريف ڪٺي اچڻ واري آھي ❁ تمام برڪتن واري ❖ عظمتن واري رات آھي ❖ ھن رات ۾ الله پاڪ پنھنجي ٻانھن تي خصوصي رحم و ڪرم فرمائيندو آھي ❖ لکين گنھگارن جي بخشش ڪئي ويندي آھي ❖ دعائن جي قبوليت ❖ ۽ روزي تقسيم ٿيڻ جي رات آھي ❖ ھن رات رزق ۾ برڪت لاءِ جيڪا دعا گھري وڃي، قبول ٿيندي آھي. اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏھن شعبان جي وچين (يعني 15 ھين) رات اچي تہ ان رات قيام (يعني عبادت) ڪريو، ڏينھن جو روزو رکو، بيشڪ ھن رات سج غروب ٿيندي ئي الله پاڪ پنھنجي شانَ مطابق آسمانِ دنيا تي تجلي فرمائيندو ۽ ارشاد فرمائيندو آھي: ❖ اَلَا مِنْ مُسْتَغْفِرٍ لِيْ فَاَغْفِرَ لَهٗ آھي ڪو مون کان مغفرت گھرڻ وارو تہ مان ان کي معاف ڪري ڇڏيان ❖ اَلَا مُسْتَرْزِقٌ فَاَرْزُقَهٗ آھي ڪو رزق گھرڻ وارو تہ ان کي رزق عطا ڪريان ❖ اَلَا مُبْتَلٰى فَاُعَافِيَهٗ آھي ڪو پريشان حال تہ مان ان جي پريشاني دور ڪريان، آھي ڪو اھڙو، آھي ڪو اھڙو، فجر جي طلوع ٿيڻ تائين ائين ئي اعلان ٿيندو رھندو آھي.[1]

---

[1] ابن ماجہ، کتاب اقامۃ الصلاۃ والسنۃ فیھا، باب ما جاء فی لیلۃ النصف...الخ، صفحہ:225، حدیث:1388۔

# شب برائت ۾ ڪرڻ وارا ڪم

شبِ برائت تمام نازڪ رات آهي، الله پاڪ فرمايو:

فِيْهَا يُفْرَقُ كُلُّ اَمْرٍ حَكِيْمٍۙ(۴)

ترجمو ڪنزُ العرفان: **ان رات ۾ هر حڪمت وارو ڪم ورهايو ويندو آهي.**

(سيپارو: 25، الدخان: 4)

حضرت عطاء بن يسار رحمۃُ اللہِ علیہ فرمائن ٿا: جڏهن نصف شعبان جي رات يعني شبِ برائت ايندي آهي تہ حضرت مَلَڪ الْمَوْت علیہِ السّلام کي هڪ صحيفو (يعني ننڍو ڪتاب / ورق) ڏنو ويندو آهي ۽ حڪم ٿيندو آهي: ان ۾ جن جا نالا لکيل آهن، انهن جا روحَ هن سال قبض ڪري ونجو. افسوس! ماڻهو شادين وغيره ۾ مصروف هوندو آهي، گهر جي تعمير ۽ ترقي ۾ لڳل هوندو آهي جڏهن تہ ان جو نالو مُردن جي فهرست ۾ لکجي چڪو هوندو آهي.[1]

بے وفا دُنیا پہ مت کر اِعتبار | تُو اچانک موت کا ہو گا شکار
موت آ کر ہی رہے گی یاد رکھ! | جان جا کر ہی رہے گی یاد رکھ! (2)

شبِ برائت تي اعمال ناما تبديل ٿيندا آهن، تنهنڪري هن رات جون برڪتون حاصل ڪرڻ، مغفرت ۽ بخشش جي خيرات حاصل ڪرڻ لاءِ بهتر آهي تہ شبِ برائت اچڻ کان پهريان هي 3 ڪم لازمي ڪري ونجن:

## (1): توبہ ڪري وٺو!

14 شعبان شريف جي شام سج لهڻ وقت ڇاڪاڻ تہ گذريل سال جو اعمال نامو ويڙهيو ويندو آهي، تنهنڪري بهتر آهي تہ شبِ براءَت اچڻ کان پهريان

---

[1]...احياء العلوم، كتاب ذكر الموت وما بعده، الباب الثالث، بيان الحسره عند لقاء...الخ، جلد:4، صفحہ:567۔

[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:711۔

توبهه ڪري ونجي. حديثِ پاڪ ۾ آهي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: اَلتَّائِبُ مِنَ الذَّنْبِ کَمَنْ لَّا ذَنْبَ لَہٗ گناهه کان توبهه ڪرڻ وارو اهڙو آهي جڻ ان گناهه ڪيو ئي ناهي.[1]

## توبهه جو طريقو

خيال رهي! اسان وٽ توبهه کي تمام هلڪو ورتو ويندو آهي ❖ ڪجهه ماڻهو چهري تي هلڪي چماٽ هڻي چوندا آهن: توبهه، توبهه ❖ ڪجهه نڪ ۽ ڪنن کي هٿ لائيندا آهن ❖ ڪجهه ماڻهو پنهنجي زبان ڏندن هيٺ دٻائي 2 چار دفعا توبهه توبهه چئي ڇڏيندا آهن، هي توبهه ناهي، سچي توبهه جا 3 رڪن آهن: (1): گناهه تي ان ڪري شرمنده ٿيڻ جو اهو الله پاڪ جي نافرماني آهي مثلاً ڪنهن وياجي ڪاروبار ڪيو، هاڻ وياجي لين دين تي شرمندگي جون ڪيئي وجوهات ٿي سگهن ٿيون: ❖ ڪنهن کي وياجي لين دين ۾ نقصان پهچي ويو، ان ڪري شرمنده ٿي رهيو آهي ❖ سودي لين دين جي ڪري گهر وارا يا دوست احباب ناراض آهن، ان ڪري شرمندگي ٿي رهي آهي، اهڙي شرمندگي توبهه لاءِ ڪافي ناهي بلڪ توبهه لاءِ ضروري آهي ته وياج کي الله پاڪ جي نافرماني سمجهي، الله پاڪ جي عذاب کان ڊڄندي شرمنده ٿي. (2): ٻيو رڪن هي آهي ته ٻانهو ان گناهه کي فوراً ڇڏي ڏئي، ائين نه ٿئي جو گناهه به ڪري رهيو آهي ۽ توبهه به ڪندو رهي، هي توبه ناهي بلڪ معاذ الله! مذاق آهي. (3): سچي توبهه جو ٽيون رڪن هي ته آئنده اهو گناهه نه ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري وٺي. اهي ٽيئي رڪن پورا ٿيندا ته ان کي سچي توبهه چيو ويندو.[2]

میں کر کے توبہ پلٹ کر گناہ کرتا ہوں
حقیقی توبہ کا کر دے شرف عطا یا ربّ!(3)

---

[1]…ابن ماجه، ڪتاب الزہد، باب ذکر التوبة، صفحه:689، حديث:4250۔

[2]…تفسير خزائن العرفان، پاره:1، البقرة، زير آيت:37، صفحه:16۔

[3]…وسائلِ بخشش، صفحه:78۔

## (2): ٻين کان معافي گھري وٺو

ٻيو اهم ترين ڪم هي آهي تہ شبِ براءَت اچڻ کان پهريان ٻانهن جا حق معاف ڪرائي وٺجن. هي بہ توبهہ جو هڪ حصو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ٻانهي جي حق تلفي ڪئي هجي، جيستائين ان کان معاف نہ ڪرايو وڃي، تيستائين اها حق تلفي معاف ناهي ٿيندي، ان ڪري بهتر آهي تہ شبِ براءَت اچڻ کان پهريان پنهنجي هر ڄاڻيندڙ کان احتياطاً معافي تلافي ڪري ونجي، جيئن ڄاڻي اڻڄاڻائيءَ ۾ ڪڏهن ڪنهن جي دل آزاري ٿي هجي، ڪنهن کي تڪليف پهچائي هجي تہ ان جي معافي ٿي وڃي. اسان وٽ شبِ براءَت کان پهريان واٽس ايپ (WhatsApp) وغيره تي هڪ ميسيج هلندو آهي، جنهن ۾ ٻين کان معافي جي درخواست هوندي آهي، هي سنو طريقو آهي پر هڪ ميسيج کي 2 يا 4 سو ماڻهن ڏانهن فارورڊ (Forward) ڪري ڇڏڻ، معافي لاءِ ڪافي ناهي، بهتر هي آهي تہ جن سان ملي سگهجي، انهن سان ملي، جن کي فون ڪري سگهجي، انهن کي فون ڪري ۽ جن تائين رسائي ناهي، انهن کان باقاعده صوتي يا تحريري پيغام (Voice or Text Message) پنهنجي طرفان رڪارڊ (Record) ڪري يا لکي موڪليو وڃي تہ جيئن سامهون واري کي لڳي تہ واقعي سنجيدگي سان مون کان معافي گھري وڃي رهي آهي ۽ جن کان معافي گھري وڃي، انهن کي بہ گھرجي تہ پنهنجي مسلمان ڀائرن کي معاف ڪري ثواب ڪمائين.

مُعاف فَضْل و کرم سے ہو ہر خطا یارَبّ!
ہو مغفرت پئے سلطانِ اَنبیا یارَبّ!
بِلا حساب ہو جنّت میں داخِلہ یارَبّ!
پڑوس خُلد میں سَرْوَر کا ہو عطا یارَبّ! (1)

---

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:82۔

## (3) دل مان بغض ۽ ڪينو ڪڍي ڇڏيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! روايتن مطابق جيڪي بدنصيب شبِ برائت جھڙي عظيم رات ۾ بہ مغفرت کان محروم رھندا آھن، انھن ۾ ھڪ بغض ۽ ڪينو رکڻ وارو بہ آھي.[1]

يقيناً اسان مان ھر ھڪ مغفرت و بخشش جو طلبگار ۽ حاجت مند آھي، ان ڪري شبِ براءَت اچڻ کان پھريان انھن سيني گناھن کان توبھ سان گڏوگڏ ھي بہ ضروري آھي تہ اسان پنھنجي دل صاف ڪري وٺون، دل ۾ ڪنھن جو بغض ۽ ڪينو (يعني لڪيل دشمني)، ڪنھن بابت حسد، ڪنھن لاءِ ميراڻ نہ رھي.

الله پاڪ اسان سيني کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (4): مغرب کان پوءِ 6 نفل

اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰی جي معمولات مان آھي تہ مغرب جي فرض ۽ سنت وغيره کان پوءِ 6 رڪعت نفل 2، 2 رڪعت ڪري ادا ڪيا وڃن ❖ پھرين 2 رڪعتن کان اڳ ھي نيت ڪريو: اي الله پاڪ! ھنن 2 رڪعتن جي برڪت سان مون کي خير و عافيت واري ڊگھي زندگي عطا فرماءِ ❖ ٻئين 2 رڪعتن کان اڳ ھي نيت فرمايو: اي الله پاڪ! ھنن 2 رڪعتن جي برڪت سان بلائن کان منھنجي حفاظت فرماءِ ❖ ٽئين 2 رڪعتن لاءِ ھي نيت ڪريو: اي الله

[1]…شعب الايمان، الباب الثالث والعشرون فی الصيام،ما جاء فی ليلۃ…الخ، جلد:3، صفحہ:380، حديث:3827۔

پاڪ! هنن 2 رڪعتن جي برڪت سان مون کي پاڻ کان سواءِ ڪنهن جو محتاج نہ ڪر.

انهن 6 رڪعتن ۾ سورتُ الفاتحہ کان پوءِ جيڪي چاهيو اهي سورتون پڙهي سگهو ٿا، چاهيو تہ هر رڪعت ۾ سورتُ الفاتحہ کان پوءِ 3 دفعا سورتُ الاخلاص پڙهي ونو. هر 2 رڪعت کان پوءِ 21 دفعا سورتِ اخلاص (يعني قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ مڪمل سورت) يا هڪ دفعو سورتِ يٰس شريف پڙهو بلڪہ جيڪڏهن ٿي سگهي تہ ٻئي پڙهي ونو. اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪو هڪ اسلامي ڀاءُ بلند آواز سان يٰس شريف پڙهي ۽ ٻيا خاموشي سان خوب ڪن لڳائي ٻڌن. ان ۾ هي خيال رهي تہ ٻڌڻ وارو ان دوران زبان سان ڪجهہ بہ نہ پڙهي ۽ هي مسئلو خوب ياد رکجو تہ جڏهن قرآنِ ڪريم بلندآواز سان پڙهيو وڃي تہ جيڪي ماڻهو ٻڌڻ لاءِ حاضر آهن، انهن تي فرضِ عين آهي تہ خاموش ٿي خوب ڪن لڳائي ٻڌن. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! رات شروع ٿيندي ئي ثواب جو انبار لڳي ويندو. هر دفعي يٰس شريف کان پوءِ دعاءِ نصف شعبان بہ پڙهو.

امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جو شعبان شريف جي فضيلتن تي مشتمل رسالو آهي: آقا جو مهينو. هن رسالي ۾ دعاءِ نصف شعبان لکيل آهي، اتان ڏسي پڙهي وڃي.

## اجتماع شب برائت جي ترغيب

الحمد لله! دعوتِ اسلامي جي زيرِ اهتمام شبِ برائت کي پوري رات اجتماع جو بہ اهتمام ڪيو ويندو آهي، هي اجتماع شبِ براءَت نيڪين ۾ گذارڻ جو بهترين ذريعو آهي. ان ۾ بہ ضرور شرڪت فرمايو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! تلاوت ٿيندي، نعت شريف ٿيندي، سنتن ڀريو بيان بہ ٿيندو ۽ رقت انگيز دعا بہ ٿيندي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻو ثواب ڪمائڻ نصيب ٿيندو. 15 شعبان جو روزو رکڻو هوندو آهي، تنهنڪري اجتماعِ پاڪ جي آخر ۾ سحري جو بہ

اهتمام ڪيو ويندو آهي. اوهان بہ 15 شعبان جو روزو رکڻ جي نيت ڪري وٺو!

## (5): 15 شعبان جو روزو رکو!

حديثِ پاڪ ۾ آهي: جڏهن 15 شعبان جي رات اچي تہ ان ۾ قيام (يعني عبادت) ڪريو ۽ ڏينهن ۾ روزو رکو![1]

## پنهنجن مرحومين کي ياد رکو!

پيارا اسلامي ڀائرو! شبِ براءَت ۾ پنهنجن انهن پيارن کي بہ ياد رکو! جيڪي هن دنيا مان هليا ويا آهن. حديثِ پاڪ ۾ آهي: نصف شعبان جي رات (يعني شبِ براءَت) جو فوت ٿيلن جا روحَ پنهنجي گهرن جي دروازن تي بيهي رهندا آهن ۽ چوندا آهن: صدقو ڪري اسان تي رحم ڪريو جيتوڻيڪ ماني جو هڪ لقمو ئي سهي. جيڪڏهن انهن جي ايصالِ ثواب لاءِ ڪجهہ بہ صدقو نہ ڪيو وڃي تہ اهي حسرت سان واپس موٽي ويندا آهن.[2]

جيڪڏهن ٿي سگهي تہ پنهنجي مرحومين جي ايصالِ ثواب لاءِ 1500 روپيا راهہ خدا ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن لاءِ جمع ڪرائي ڇڏيو! ائين دنيا ڀر ۾ ٿيندڙ ديني ڪمن ۾ اوهان جو حصو بہ شامل ٿي ويندو ۽ مرحومين لاءِ ايصالِ ثواب بہ ٿي ويندو.

**دعاءِ عطار:** اي الله پاڪ! جيڪو شعبان جي مهيني ۾ دعوتِ اسلامي کي گهٽ وڌ 1500 روپيا (۽ ٻي ڪرنسي وارا پنهنجي حساب سان) جمع ڪرائن ان کي ان کان اڳ موت نہ ڏجان جيستائين ڪلمو نہ پڙهي وٺي، ان جو هٿ هميشہ مٿي رهي، ان جي تجوري هميشہ ڀريل رهي، صرف تنهنجي در جو

---

[1]...اِبْنِ ماجہ، کتاب اقامۃ الصلاۃ والسنۃ فیھا،باب ما جاء فی لیلۃ...الخ، صفحہ:225، حدیث:1388۔

[2]...دُرَرُ الحِسَان، صفحہ:33 ۔

محتاج رهي ۽ جنت الفردوس ۾ تنهنجي حبيب صَلَّى اللہ عَلَیہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو پاڙيسري بڻجي وڃي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللہ عَلَیہِ وَالِہٖ وَسَلَّم

الله پاڪ اسان سڀني کي سچي توبھ جي توفيق بخشي ۽ شبّ براءَت جون برڪتون حاصل ڪرڻ جي سعادت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللہ عَلَیہِ وَالِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪلامِ اعليٰ حضرت موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! الحمد لله! دَعْوَتِ اسلامي جديد ٽيڪنالاجي جي ذريعي بہ عشقِ رسول جو جام پيارڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي. دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمنٽ جي طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: Kalam e ala hazrat (ڪلامِ اعليٰ حضرت) ❖ هن ايپلي ڪيشن ۾ امامِ اهل سنت سيدي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رحمۃُ اللہِ علیہ جو مشهورِ زمانہ نعتيہ مجموعو حدائقِ بخشش ۽ نغماتِ رضا (مدني چينل جو پروگرام) شامل آهن ❖ جن کي حروفِ تهجي جي ترتيب تي شامل ڪيو ويو آهي ❖ پنهنجي گهربل ڪلام کي سرچ (search) ڪرڻ جو آپشن موجود آهي ❖ هن ايپلي ڪيشن ۾ مدني چينل جو پروگرام نغماتِ رضا (يعني حدائقِ بخشش جا مخصوص ڪلام) کي بہ شامل ڪيو ويو آهي جن کي اوهان باآساني آڊيو ۽ وڊيو ۾ ملاحظ ڪري سگهو ٿا. هي ايپ حاصل ڪريو ۽ پنهنجي دل کي الله پاڪ جي آخري نبي رسولِ هاشمي صَلَّى اللہ عَلَیہِ وَالِہٖ وَسَلَّم جي محبت سان منور ڪريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي اختتام طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ موجود غلط فهمي جي نشاندهي)

مسئلو: **نماز جي دوران هڪ ئي رڪن ۾ 3 دفعا هٿ ڪٽڻ سان نماز ٽٽي ويندي آهي.**

وضاحت: نماز ۾ هڪ ئي رڪن ۾ هڪ هٿ کي ضرورت تحت 2 دفعا ڪٽڻ جي اجازت آهي، 3 دفعا ڪٽڻ سان نماز ٽٽي ويندي.[1] مثلاً: قيام هڪ رڪن آهي، هڪ ئي رڪعت جي قيام ۾ ٽي يا ان کان وڌيڪ دفعا هٿ ڪٽي ورتو، مثلاً 3 دفعا خارش ڪئي ته نماز ٽٽي ويندي. بهارِ شريعت ۾ آهي: هڪ رڪن ۾ 3 دفعا خارش ڪرڻ سان نماز ٽٽي ويندي آهي يعني خارش ڪري هٿ هٽائي ورتو وري خارش ڪئي وري هٿ هٽائي ورتو ۽ ٽئين دفعي وري خارش ڪئي ۽ جيڪڏهن هڪ دفعو هٿ رکي ڪجهه دفعا حرڪت ڏني ته هڪ ئي دفعو خارش ڪرڻ چيو ويندو.[2] الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّى الله عليه واٰله وسلّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... فتاویٰ اہلسنت (غیر مطبوعہ)، فتاویٰ نمبر:WAT-2267 ۔

[2]... بہارِ شریعت، جلد:1، صفحہ:614، حصہ:3۔

## اسماءُ الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

### يَااَحَدُ

جيڪو الله پاڪ جي ھن مبارڪ نالي يَااحدُ کي 9 دفعا پڙھي حاڪم جي اڳيان وڃي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! عزت ۽ سرفرازي ماڻيندو. جيڪو ان کي ھڪ ھزار دفعا پڙھندو نيڪ بڻجي ويندو.[1] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...مدنی پنج سورہ، صفحہ:255۔